
COMMITTEE FOR THE WELFARE OF PRISONERS
LEGAL AID OFFICE

# خط و ڪتابت ۽ ملاقاتون



## 01

**آئون جيل ۾ رهندي پنهجي دوستن ۽ رشتيدارن سان رابطو ڪيئن ڪري سگهان ٿو؟**



هر قيدي کي پنهجي رشتيدارن، دوستن ۽ قانوني صلاحڪارن سان اپيل جي تياري، نظر ثاني يا ضمانت حاصل ڪرڻ لاء ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جون مناسب سهولتون ڏيڻ جي اجازت هوندي

.

جائيداد، ڪاروبار يا ٻين خانداني مامرن جي بهتر انتظامن لاء هر قيدي کي پنهنجي رشتيدارن يا دوستن سان ملاقات ڪرڻ يا خط لکڻ جي به اجازت هوندي جنهن ۾ آڊيو يا وڊيو ڪال وصول ڪرڻ يا پاڻ ڪال ملائڻ شامل آهي. جيل اصول 868



### ازدواجي دورو ڇا آهي؟

اهڙا شادي شده قيدي جن جي قيد جي مدي ۾ پنجن ورهين کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو هجي انهن کي هر ٽن مهينن ڪانپوءِ پنهنجي زال يا مڙس سان ٻه راتيون جيل جي حد اندر رکڻ جي اجازت ڏني ويندي.

ان مقصد لاءِ هيٺ ڄاڻايل دستاويز گهربل هوندا:

هر سزايافته قيدي پنهنجي نڪاح نامي جي ڪاپي ٽرائل ڪورٽ جي ذريعي ان وقت يا هن جي سزا کان پهرين انچارج آفيسر آڏو پيش ڪندو
.

اهڙا مرد شادي شده قيدي جن جون هڪ کان وڌيڪ زالون هجن اهي متبادل رات تي پنهجي پنهي زالن کي رکي سگهن ٿا. (هڪ رات هڪ، ٻين رات ٻئي
)

.ڇهن سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن کي پنهنجي ماءُ سان گڏ رهڻ جي اجازت هوندي

اهڙا سزايافته قيدي جيڪي دهشتگردي يا رياست مخالف سرگرمين جي الزامن هيٺ جيل ۾ هجن انهن کي حڪومت پاران پيشگي راضپي ڪانسواءِ هن اصول تحت جائز سهولت حاصل ڪرڻ جي اجازت ڪونه هوندي
.

آفيسر انچارج ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي نگراني هيٺ سمورو لاڳاپيل رڪارڊ يعني ملاقات جي تاريخ ۽ لاڳاپيل قيدي جي زال يا مڙس جو خاص خيال رکندو ۽ اهڙا قيدي جيجي اها سهولت استعمال ڪرن ٿا انهن جي ماهواري رپورٽ انسپيڪٽر جنرل ڏانهن اماڻيدو .

# 03

## ڇا مونکي جيل ۾ لکڻ پڙهڻ جو سامان ڏنو ويندو؟








ڪنهن به قيدي کي خط لکڻ لاء لکڻ پڙهڻ جو سامان ۽ سروس پوسٽ ڪارڊ جي اجازت هوندي. سمورا خط انچارج آفيسر جي مقرر ٿيل وقت ۽ جڳهه تي لکيا ويندا ۽ سرڪاري خرچ تي قيدي جي خطن لاء سروس ڊاڪ ٽڪيٽون به فراهم ڪيون وينديون.

04

**ملاقاتين سان ملڻ لاء مونکي ڪيترو وقت ڏنو ويندو؟**




ملاقاتن لاء منظور ٿيل مدو عام طور تي ٽيهه منٽن کان وڌيڪ ڪونہ هوندو پر انچارج آفيسر جي هدايتن تي وڌائي سگهي ٿو.

جيل اصول 889



قيدين ڪي رات لاء يا ڪنهن عام موڪل واري ڏينهن يا آچر تي بند ڪرڻ کانپوء ڪنهن بہ ملاقات لاء اجازت نہ ڏني ويندي.

جيل اصول 909

# 05

## ڇا مونکي ڪا خفيہ ملاقات ڪرڻ جي اجازت ملي سگهي ٿي؟



هر قيدي جي ملاقات مهل جيل جو آفيسر موجود رهندو جيڪو ان ڳالهہ جو ذميوار هوندو تہ ملاقات دوران ڪائي بي ضابطگي نہ ٿئي ۽ ملاقاتين جي ملاقات ڪنهن اهڙي جڳهہ تي ڪرائيندوڄتان جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو هجي اهو ڏسي ۽ ٻڌي سگهي ۽ ڌرين پاران ڪو بہ منع ٿيل عمل ٿيندي ڏسي تہ ان کي روڪي سگهي. ڳالهہ ٻولهہ صرف خانگي ۽ گهرو معاملن تي ٿي سگهي ٿي.

# 06

**ڇا اهڙن قيدين لاءِ ڪي سهولتون آهن جيڪي جرمانو نہ ادا ڪري سگهڻ يا سيڪيورٽي (رقم) ادا نہ ڪرڻ جي سبب قيد ۾ آهن؟**




جرمانو ادا نہ ڪرڻ يا ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر جي ائين باب تحت سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ ۾ ناڪامي تي قيد ڪاٽڻ واري قيدي کي جرماني جي ادائيگي يا سيڪيورٽي جو بندوبست ڪرڻ لاءِ خط جي ذريعي ڳالهہ ٻولهہ ۽ رابطا ڪرڻ ۽ ڪنهن بہ مناسب وقت تي پنهجي رشتيدان يا دوستن سان ملاقات ڪرڻ جي اجازت هوندي.

# 07

**اگر مونکي هڪ جيل کان ٻئي جيل موڪليو وڃي رهيو هجي ته ڇا مون کي پنهجي گهر وارن يا دوستن کي خط لکي نئي جڳهه بابت ڄاڻ ڏيڻ جي اجازت هوندي؟**




هر قيدي کي هڪ جيل کان ٻي جيل منتقل ڪرڻ مهل خط وسيلي پنهجي دوستن ۽ رشتيدارن کي ائڊريس جي تبديلي بابت اطلاع ڏيڻ جي اجازت هوندي. اگر قيدي ڪنهن سبب منتقل ٿيڻ کان پهريان اطلاع نه ڏئي سگهي ته هو نئي جيل ۾ منجهان به خط لکي سگهي ٿو.

# 08

## ڇا مونکي سرڪاري ڪامورن سان خط وسيلي ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جي اجازت هوندي؟




ڪنهن ٻه شڪايت جي ٻڌڻي لاءِ قيدي کي اجازت ڏئي سگهجي ٿي ته هو حڪومت، جيلن جي انسپيڪٽر جنرل يا ڪنهن ٻئي سرڪاري عملدار سان رابطو ڪري. اهڙي طرح جي لک پڙهه چٽي هوندي ۽ ڪنهن طرح جي چڙ ڏياريندڙ مواد کان آجي هوندي ۽ ڪو اڻ لاڳاپيل مامرو نه هوندو.

هڪ قيدي پاران ڪنهن ٻئي قيدي جي بدران رابطي يا مليل جليل ياداشت يا درخواستن جي اجازت نه هوندي. گمنام يا تخلص تي ٻڌل درخواستن تي غور ڪونه ڪيو ويندو

## 09


### انچارج آفيسر ڪنهن کي ٻه ملاقات جي اجازت نه ڏيڻ جو حق رکي ٿو؟



اگر ڪنهن خاص شخص جي قيدي سان ملاقات ڪرڻ سان عوامي مفاد کي نقصان رسڻ جو خدشو هجي ته انچارج آفيسر اهڙي ملاقات جي اجازت کان انڪار ڪري سگهي ٿو.
جيل اصول 897

انچارج آفيسر پنهنجي صوابديد ته پراڻن قيدين کي ٻه ملڻ جي اجازت کان منع ڪري سگهي ٿو.
قيدين کي رات لاء بند ڪرڻ کانپوءِ يا ڪنهن عام موڪل يا آچر واري ڏينهن ڪا ٻه ملاقات نه ڪرائي ويندي
جيل اصول 909

# 10



قانوني رهنمائي لاء اوهان ليگل ايڊ آفس سان جڙيل وڪيلن سان رابطو ڪري سگهو ٿا جيڪي روزانو جيل ۾ ايندا آهن. وڊيڪ چاڻ لاء جيل جي سپرينٽينڊنٽ سان پڻ رابطو ڪري سگهو ٿا.

ليگل ايڊ آفس پيراليگل ٽريننگ پروگرام پڻ ڪرائي رهي آهي، اهي پيرا ليگل توهان کي مفت قانوني مدد لاء ڪنهن وڪيل سان رابطو ڪرائي سگهن ٿا جيڪو توهان جي ڪيس ۾ مدد ڪري سگهي ٿو ۽ اهي (ليگل ايڊ آفس جا تربيت يافته) پيراليگل جيل اندر پيدا ٿيندڙ جهيڙن جي نبيري لاء پڻ مدد ڪري سگهن ٿا. انهن پيراليگل کي قانون، آئين، بنيادي حقن، ڏوهه جي قانونن ۽ ڏوهي ڪيسن جي ٻڌڻي، سزا ڏيڻ واري عمل، پوليس جي اختيارن، شهرين جي حقن، ۽ ڪرمنل پروسيجر، خاندان جو قانون، وراثت، جائيداد جي قانون، ٻارن جا قانون، پروبيشن، پيرول ۽ قيدين جي قانونن بابت تربيت ڏني ويندي آهي.

اوهان ڪنهن جي به وسيلي هن نمبر080078608 تي ڪال ڪري ماهر وڪيل کان مفت قانوني صلاح وٺي سگهو ٿا. اهو اوهان جو مددگار به ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن اوهان کي ڪو قانوني مسئلو درپيش آهي ته ان کي به منهن ڏئي سگهي ٿو.

COMMITTEE FOR THE WELFARE OF PRISONERS

LEGAL AID OFFICE

ہیڈ آفس

Block - C, First Floor, FTC Building,
Shahrah -e-Faisal, Karachi.,

فون

ٹول فری : 0800-70806

ہیڈ آفس : 021-35390132-33

کال سینٹر آفس : 021-35308533

ای میل

info@lao.org.pk

فیس بک

@LegalAidOfficePakistan

ویب سائٹ

www.lao.org.pk

خاکہ نگار

سحر سطوت